SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريہ 1985

SINDH ACT NO.XIII OF 1985

سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1985

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1985

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول جي ترميم

Amendment of seventh Schedule to Sindh Finance Act, 1964

سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريہ 1985

SINDH ACT NO.XIII OF 1985

سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1985

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1985

[14 جنوري 1986]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور ۽ پهرين جنوري 1986 کان لاڳو ٿيندو.

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول جي ترميم

Amendment of seventh Schedule to Sindh Finance Act, 1964

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾، ستين شيڊول لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"ستون شيڊول)

(ڏسو دفعہ 11)

جريان نمبر	ڪيٽيگيريون	سالياني ٽيڪس جو ملهہ
1	2	3

.1	ڪنهن بہ ڌنڌي، واپار، ملازمت، يا انهن بيان ڪيلن کان علاوه ڪنهن ٻئي ڌنڌي ۾ سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن کان هلندڙ مالي سال دوران انڪم ٽيڪس وصول ڪئي ويندي.	150 رپيا
.2	سنڌ ۾ رجسٽرڊ آفيس رکندڙ سموريون پبلڪ لميٽيڊ ڪمپنيز.	5000 رپيا
.3	(a) سموريون پرائيويٽ لميٽيڊ ۽ پرڏيهي ڪمپنيون (b) امپورٽ يا ايڪسپورٽ لائسنس يا ٻئي لائسنس رکندڙ (c) مٿي ڄاڻايل (a) کان علاوه ڏهه يا ان کان وڌيڪ ماڻهو ملازم رکندڙ انڊسٽريز ۽ فيڪٽريز جا مالڪ (d) تعميراتي ڪم يا شيون فراهم ڪرڻ يا خدمتون ۽ ليبر فراهم ڪرڻ ۾ مصروف سمورا ٺيڪيدار (e) سمورا ايجنٽ، اسٽاڪسٽ ۽ ايجنسي رکندڙ جيڪي ٻين لاءِ ڪميشن بنيادن تي شيون يا خدمتون وڪرو ڪرڻ يا خريد ڪرڻ ۾ مصروف هجن	2500 رپيا 750 رپيا 2000 رپيا 750 رپيا 750 رپيا

.4	مٿي ڏنل جريان نمبر 2 ۽ 3 ۾ ڄاڻايلن ڪانسواءِ سموريون فيڪٽريون، دڪان يا ٻيون اسٽيبلشمينٽس:	
	(a) گذريل مالي سال ۾ لڳايل انڪم ٽيڪس؛	200 رپيا
	(b) گذريل مالي سال ۾ نہ لڳايل انڪم ٽيڪس.	100 رپيا

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.